# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2001
# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 6_B جو اضافو
Addition of Article 6_B Act II of 1899

3. ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 22_A جي ترميم
Amendment Article 22_A Act II of 1899

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2001
# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[23 نومبر 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن ڪي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ 1999 تي جاري ڪيل پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تنهنڪري هاڻي مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺيون ڄاڻايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 6_B جو اضافو
Addition of Article 6_B Act II of 1899

2. اسٽمپ ايڪٽ، 1899 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شيڊول –I ۾:

(i) آرٽيڪل 6_A کانپوءِ هيٺين ڄاڻايل نئين آرٽيڪل کي شامل ڪيو ويندو:-

” آرٽيڪل ٽڪٽ 6_B“

(a) ڊوميسٽڪ پنجويهه روپيه

(b) انٽرنيشنل ٻه سو پنجاهه روپيه

ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 22_A جي ترميم
Amendment Article 22_A Act II of 1899

(ii) آرٽيڪل 22_A ۾ الفاظ ۽ ڪاما” ايئرلائين ٽڪٽ“، کي حذف ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**